سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# قرآن ڪريم

## صحيح سکڻ ۽ سيکارڻ

30 اپريل 2026



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **قرآن ڪريم صحيح سکڻ ۽ سيکارڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **ايمان تي خاتمي جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

## قرآن ڪريم صحيح سکڻ ۽ سيکارڻ

### دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ بخشش آهي.(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال نمبر 18

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قرآن و سُنت جي مطابق زندگي گذارڻ جي لاءِ اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ ”نيڪ اعمال“ جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن. اج اسان ”72 نيڪ اعمال“ جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 18 جي باري ۾ سکنداسين.

1... تاريخ مدينة دمشق،جلد:61،صفحه:381۔

نيڪ عمل نمبر 18: ڇا اڄ توهان مدرسة المدينہ ۾ پڙهيو يا پڙهايو ؟

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

اَلَّذِیْنَ اٰتَیْنٰهُمُ الْكِتٰبَ یَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖؕ
اُولٰٓىٕكَ یُؤْمِنُوْنَ بِهٖؕ وَ مَنْ یَّكْفُرْ بِهٖ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ
الْخٰسِرُوْنَ۠ (۱۲۱)

ترجموڪنزالعرفان: اهي ماڻهو جن کي اسان ڪتاب عطا ڪيو آهي تہ اهي ان جي تلاوت اهڙي نموني ڪن ٿا جهڙو ان جي تلاوت ڪرڻ جو حق آهي، اهي ئي ان تي ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي ان جو انڪار ڪن تہ اهي ئي اصل ۾ نقصان ڪڻڻ وارا آهن. (پاره:1،البقره:121)

هڪ قول جي مطابق تلاوت ڪرڻ جو حق هي آهي تہ اُن کي ايئن پڙهيو وڃي جيئن ان کي نازل ڪيو ويو آهي.[1] معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم عربي لب و لهجي ۾ (يعني حروف جي صحيح مخارج ۽ مدات و حرڪات (يعني زير، زبر، پيش وغيره) جو خيال رکندي) پڙهڻ ضروري آهي.

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جنهن قرآن ڪريم سکيو، ٻين کي سيکاريو ۽ ان تي عمل ڪيو، قيامت جي ڏينهن قرآن اُن جي شفاعت ڪندو ۽ ان کي جنت ۾ وٺي ويندو.[2]

## قرآن ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ بابت احڪام

(1) ايتري تجويد سکڻ جنهن سان حروف صحيح مخارج سان ادا ٿي سگهن ۽ غلط

---

1 جلالين مع حاشيہ صاوى ،پاره:1،سورۂ بقره،زير آيت:121،جلد:1،صفحہ۔
2 المؤتلف والمختلف للدارقطنى ،باب الخا،جلد:2،صفحہ:830،دار الغرب الاسلامى۔

پڙهڻ سان بچي سگهجي فرض عين آهي.[1] (2) جيترو قرآنِ ڪريم سکڻ فرض آهي، اوترو ئي قرآنِ ڪريم سيکارڻ فرضِ ڪفايہ آهي[2] (3) جنهن شخص کان حروف صحيح ادا نٿا ٿين، ان تي درست ادائيگي سکڻ واجب ۽ ان لاءِ رات ڏينهن ڪوشش ڪرڻ لازم آهي، تان جو هو صحيح سکي وٺي.[3] (4) جيڪڏهن ڪو شخص قرآنِ ڪريم غلط پڙهي رهيو هجي، تہ ٻڌندڙ تي واجب آهي تہ کيس ٻڌائي، بشرطيڪ ان جي ٻڌائڻ سان فتني (بغض ۽ حسد وغيره پيدا ٿيڻ) جو خطرو نہ هجي.[4]

## قرآن ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ جا فائدا

۞ قرآن ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ وارو بهترين ٻانهو آهي.[5] ۞ قرآن ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ گڏ ٿيڻ وارن تي اطمينان نازل ٿيندو آهي، ۞ رحمت کين پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيندي آهي، ۞ ملائڪ انهن تي پنهنجو سايو ڪندا آهن ۽ ۞ الله پاڪ ملائڪن جي جماعت ۾ انهن جو ذڪر فرمائيندو آهي.[6] ۞ **قرآن ڪريم سکڻ جون فضيلتون:** ۞ قرآن ڪريم جي هڪ آيت سکڻ، 100 رڪعتون نفل پڙهڻ کان افضل آهي.[7] ۞ صبح جي وقت مسجد ۾ وڃي قرآن ڪريم جون 2 آيتون سکڻ 2 ڏاچين کان ۽ 3 آيتون سکڻ 3 ڏاچين کان بهتر آهي.[8] ۞ جيڪو قرآن ڪريم سکي ۽ ان تي عمل ڪري، قيامت جي ڏينهن ان کي نور جو تاج پارايو ويندو ۽ ۞ ان جي والدين کي قيمتي پوشاڪون پارايون وينديون.[9]

**قرآن ڪريم سيکارڻ جون فضيلتون:** ۞ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قرآن ڪريم سيکارڻ وارن لاءِ دعا فرمائي: اي الله! (قرآن ڪريم) سيکارڻ وارن

---

1 فتاوی رضویہ ،جلد6 ،صفحہ:343۔
2 عمدۃ القاری شرح صحیح بخاری کتاب الاجارۃ،باب‌مایعطی فی الرقیۃ ...الخ،جلد:8، صفحہ:628 ،ماخوذاً۔
3 نماز کے احکام ،نماز کا طریقہ ،صفحہ:210۔
4غنیۃ المتملی ،صفحہ:498۔
5 بخاری ،کتاب الفضائل ،باب خیرکم من تعلم القرآن وعلمہ ،صفحہ:1299،حدیث:5027،ملخصًا۔
6 مسلم ،کتاب الذکر ،باب فضل الاجتماع علی تلاوت ...الخ،صفحہ:1039،حدیث:2699
7 سنن ابن ماجہ ،ابواب السنۃ،باب فضل من تعلم القرآن وعلمہ ،جلد:1،صفحہ:142،حدیث:219۔
8 مسلم ،کتاب المسافرین ،باب فضل قراءۃ القرآن ...الخ،صفحہ:290،حدیث:803۔
9 مستدرك للحاكم ،کتاب فضاءل القران ،باب ذکر فضاءل سور...الخ،جلد:1،صفحہ:756،حدیث:2086۔

ڪي بخشي ڇڏ، سندن عمرون دراز فرماءِ ۽ ڪين پنهنجي عرش جي سائي ۾ جڳهه عطا فرماءِ، جوته اهي تنهنجي نازل ڪيل ڪتاب جي تعليم ڏين ٿا.[1] ۞ قرآن ڪريم سيکارڻ واري لاءِ سکڻ واري کان ٻيڻو ثواب آهي. ۞ قرآن ڪريم سکڻ وارو جيستائين تلاوت ڪندو رهندو، سيکارڻ واري کي ان جو ثواب ملندو رهندو.[2] ۞ جنهن قرآن ڪريم يا ڪا سنت سيکاري، قيامت جي ڏينهن کيس اهڙو اجر عطا ڪيو ويندو جو ان کان وڌيڪ بهتر (اجر) ڪنهن لاءِ نه هوندو.[3]

## قرآن ڪريم سکڻ سيکارڻ جو ذهن بڻائڻ جا طريقا

۞ قرآنِ ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ جون فضيلتون ذهن ۾ رکو. ۞ قرآن ۽ قرآن جي تعليم کي عام ڪرڻ جي تڙپ پنهنجي اندر پيدا ڪريو.۞ قرآنِ ڪريم سان محبت ۽ تعلق مضبوط رکو! ان لاءِ روزانو ڪجهه نه ڪجهه قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو. ۞ قرآنِ ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ جي باري ۾ صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي واقعن جو مطالعو ڪريو ته ڪهڙي طرح هنن پنهنجي سڄي زندگي قرآنِ ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ وقف ڪري ڇڏي. ۞ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ان سان اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! علمِ دين حاصل ڪرڻ، قرآنِ ڪريم درست پڙهڻ پڙهائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو. ۞ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! خاص ڪري ديني ڪم مدرسة المدينه (بالغان) ۾ پڙهو ۽ جيڪڏهن پڙهائي سگهو ٿا ته (ٻين کي) پڙهايو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 18 جي مطابق صحيح قرآن سکڻ ۽ سيکارڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي. نيت ڪريو ته مدرسة المدينه (بالغان) ۾ داخلا وٺي صحيح قرآنِ ڪريم پڙهڻ سکنداسين ۽ جيڪي پڙهائي سگهن ٿا اهي نيت ڪن ته مدرسة المدينه (بالغان) پڙهائيندا. اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بجاهِ خاتمِ النبيّن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

1 الموضوعات لابن جوزی ،حديث فی الدعا للمعلمين ، جلد:1،حديث:221 ـ

2 جمع الجوامع ،جلد:7،صفحه:282،حديث:22455ـ22456ـ

3 جمع الجوامع ،جلد:7،صفحه:282،حديث:22454ـ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## ايمان تي خاتمي جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَعُوْذُ بِكَ مِنْ اَنْ نُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا نَعْلَمُهٗ،
وَنَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا نَعْلَمُهٗ

**ترجمو:** اي الله! اسان تنهنجي پناهه گهرون ٿا ان ڳالهه کان ته ڄاڻي واڻي ڪنهن شيءِ کي تنهنجو شريڪ بڻايون، ۽ اسان تو کان ان (شرڪ) جي بخشش گهرون ٿا جنهن کي اسان نٿا ڄاڻون.

**فضيلت:** جيڪو هي دُعا 3 ڀيرا پڙهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِیْم! ان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو.[1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَةُ الْاِخْلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):**

1شجرهٔ عطاريه صفحه:15۔

اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ (12): 12 منٽ مکتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر جي لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت جي مطابق لباس پهريو؟(26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ڪاڏو ڪاڏو؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰةاللّيل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گهري ڪري شيون استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41):وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45):

فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجهه نہ ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان بسم اللہ پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49): اسراف کان بچيؤ؟ (50): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (51): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (52): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (53): فضول ڳالهين کان بچيا؟ (54): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (55): عمامو شريف ٻَڌو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏنو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علائقائي دورو ڪيو (65): پهريان اچڻ وارن پر هاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟